**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
چيئرمين، سنڌي شعبو،
وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# سنڌي ادب جي ترقي ۾ صحافت جو ڪردار

## THE CONTRIBUTION OF JOURNALISM IN THE IMPROVEMENT OF SINDHI LITERATURE

### Abstract

The modern literature of Sindhi language was started in British period. The journalism was also introduced and initiated during British period. In initial period of British, different sorts of literature were initiated including short stories, essays, dramas and poetry in Sindh. These sorts were extensively introduced in local newspapers and magazines of Sindhi literature. Several eminent scholars were highlighted in journalism by their prominent publications. After the launching of Radio Pakistan Karachi and Hyderabad transmission in Sindhi language, was golden pace for the input of literature and journalism among the people of Sindh in their own language. At present, various electronic and print media are contributing their role in the development of Sindhi language as well as Sindhi literature. These media are highlighting the basic and necessary literary issues of Sindh by TV dramas and debate programs.

سنڌي علم و ادب جي تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سنڌي ادب جو بنياد ۽ اوسر وارو باقاعده دؤر سومرن جي دؤر کي سمجهيو وڃي ٿو. ”سومرن جي ڏينهن ۾ بہ دستور موجب عربي سرڪاري ۽ تعليمي زبان جي حيثيت سان قائم رهي، ان هوندي بہ جيئن تہ سومرن جي مادري زبان سنڌي زبان هئي انهي ڪري سنڌي زبان وڌي ويجهي.“ (1)

”سومرن جو دؤر عام فهم سنڌي ٻولي جي تعمير ۽ توسيع وارو دؤر هو، جنهن ۾ سنڌي سنڌ جي ڏکڻ اوڀرندي ڀاڱي کان اڳتي ڪڇ ۾ رائج ٿي. زباني روايتن ذريعي مقامي واقعن ۽ يادگيرين تي ٻڌل قصا ۽ ڪهاڻيون ملڪ ۾ رائج ٿيا“ (2). سومرن جي دؤر کان وٺي ميرن جي دؤر تائين سنڌي ٻولي جي ڪا مقرر صورتخطي موجود نہ هئي، جنهن ڪري سنڌي زبان تي لکيل ڪتاب يا قلمي نسخا ديوناگري، خواجڪي

سنڌي، ابوالحسن جي سنڌي يا ٻين لپين ۾ لکيا ويندا هئا. اها هڪ حقيقت آهي تہ انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي.

”سر بارٽل فريئر جي ڪمشنري واري دؤر ۾ 1853ع ۾ سنڌي صورتخطي هڪ پختي پائي تي قائم ٿي، ان کان پوءِ جيڪو تصنيف ۽ تاليف جو دؤر شروع ٿيو، سو سنڌي نثر لاءِ خاص طور نيڪ فال ٿيو. ڪيترا تعليمي ضرورت جا ڪتاب هڪ طرف شايع ٿيا تہ علمي ادبي ۽ تحقيقي نوعيت جا ڪتاب ٻي طرف ڇپيا.“ (3)

سنڌي ادب ۾ ڪيترين ئي نين صنفون وارد ٿيون، علمي ادبي حوالي سان ڪيترا ئي نوان رجحان متعارف ٿيا. سنڌي ۾ صحافت جو آغاز بہ انگريزن جي دؤر ۾ ٿيو، سنڌي صحافت جي شروعاتي دؤر ۾ صحافت کي ترقي وٺرائڻ ۽ ان سلسلي کي عام ڪرڻ وارا صحافي بنيادي طور اديب ئي هئا، جن جي ڪري سنڌي صحافت ترقي جون منزلون طيءَ ڪيون. سنڌي ادب جي ترقي ۾ صحافت جو ڪردار هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي انيڪ ڪتاب تيار ٿي سگهن ٿا، هن مقالي ۾ مختصر طور مثال ڏيئي موضوع کي واضح ڪيو ويو آهي. سنڌي صحافت جي شروعات پهرين سرڪاري اخبار هفتيوار ”فوائد الاخبار“ سان ٿي جا ڪراچي مان ٿي، ان جو مواد فارسي ۽ سنڌي ۾ ڇپيو. ٻي اخبار جيڪا مڪمل سنڌي ۾ ڇپي اها بہ سرڪاري هئي، جيڪا ”سنڌ سڌار“ جي نالي سان 1866ع ۾ جاري ٿي.

”سنڌي صحافت جي تاريخ کي مکيہ ٽن دؤرن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو، پهريون دؤر 1853ع کان 1910ع تائين ختم ٿئي ٿو، ٻيو دؤر 1911ع کان شروع ٿئي ٿو ۽ 1947ع تي پاڪستان ٺهڻ تي ختم ٿئي ٿو ۽ ٽيون دؤر 1947ع کان شروع ٿئي ٿو“ (4).

”ادب ۽ صحافت جو هڪٻئي سان سهڪار رهيو آهي ۽ اهي ٻئي شعبا ڄڻ تہ هڪٻئي کان ڌار آهن ئي ڪو نہ. هڪ ڪامياب صحافي کي ٻولي جي مهارت سان گڏ ادب جو شعور هجڻ ضروري آهي، ساڳي ريت ڪنهن بہ ٻولي ۽ ادب جي ترقي لاءِ انهي ٻولي ۾ صحافت جي وسعت بہ ضروري آهي“ (5). سنڌي صحافت جي ابتدائي دؤر ۾ جن ادبي شخصيتن صحافتي ڪم کي اڳتي وڌايو انهن ۾ نمايان طور ساڌو هيرانند، شمس الدين بلبل، پرمانند ميوارام، ديوان ڪوڙو مل، پيرو مل ۽ ڏيارام جا نالا مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا. ”سنڌي زبان ۽ ادب کي ترقي وٺرائڻ ۾ سنڌي صحافت جو اهم ڪردار رهيو آهي، ڪن اخبارن ۽ رسالن ۾ قسطوار ناول ڇپبا هئا تہ ڪن ۾ ڊراما، ڪن ۾ ڪهاڻيون تہ ڪن ۾ وري مضمون ۽ مقالا تہ ڪن اخبارن ۽ رسالن ۾ وري ادبي ڪانفرنسن ۽ مشاعرن جون ڪارروايون شايع ٿينديون هيون، ان کان علاوه هن دؤر جي شاعرن جو ڪلام پڻ شايع ٿيندو هو“ (6).

سنڌي نثر ۽ شاعري جي صنفن جو اخبارن ۾ شايع ٿيڻ سان هڪ طرف تہ اهي عام ماڻهن تائين پهچڻ ٿيون ۽ ٻي طرف وري انهن نثر نويس ۽ شاعرن جي همت

افزائي ٿئي ٿي.

**مضمون نويسي:** سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي مضمون نويسي تمام گھڻي ترقي ڪئي، سنڌي ادب ۾ هن صنف جي شروعات ته انگريزي ادب جي ڪتاب (Beacon's Essays ) سان ٿي، جنهن جو ترجمو مرزا قليچ بيگ 1877ع ۾ مقالات الحڪمت جي نالي سان ڪيو، ليڪن هن صنف کي عروج ان وقت جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي مليو. ”مضمون نگاري جو ٻيو دؤر ادبي مخزنن معرفت شروع ٿيو، جن ۾ وقت بوقت زندگي جي هر موضوع تي سهڻا شخصي مضمون پوندا هئا، جي ئي مکيه طرح ادبي مضمون شمار ڪيا وڃن ٿا ۽ جن ۾ لکندڙ جي ويچارن ذريعي سندس شخصيت جو اظهار ڪيل هوندو آهي“ (7).

انگريزن جي دؤر جي اخبارن ۽ رسالن ۾ خاص طور تي سرسوتي، جوت، ڊي -جي سنڌ ڪاليج مسلني، اخبار تعليم، روح رهاڻ ۽ مهراڻ جي ذريعي ڪيترن ئي اهم ليکڪن جا مضمون شايع ٿيا. مضمون نويسي جي حوالي سان ٿيل سڀ کان بهترين ڪم پرمانند ميوارام جو آهي، جنهن مضمونن کي گڏ ڪري ٻن ڀاڱن ۾ گل ڦل ڇپايو. گل ڦل جو پهريون ڀاڱو 1925ع ۾ ۽ ٻيو 1936ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڇپيل مضمون گڏريل ٽيهن سالن ۾ جوت اخبار ۾ پرمانند ميوارام جا پنهنجا مضمون ۽ ڪجهه وري ٻين ليکڪن جا مضمون به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيائين. اخبار تعليم جو مضمون نويسي جي حوالي سان اهم ڪردار رهيو آهي. هن اخبار ذريعي مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس، علامه علي خان ابڙو، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، مولانا غلام محمد گرامي، محمد اسماعيل عرساڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ ٻين ڪيترن ئي نالي وارن اديبن جا مضمون شايع ٿيندا هئا. سنڌ جي مشهور اديبن جهڙوڪ شمس الدين بلبل، محمد عثمان ڏيپلائي، پير علي محمد راشدي ۽ منگهارام ملڪاڻي جن مختلف اخبارن ۽ رسالن ذريعي ادب جي صنف مضمون کي روشناس ڪرايو.

**سنڌي افسانو ۽ ڪهاڻي:** نثر جي صنف افسانو ۽ ڪهاڻي جي ترقي ۾ اخبارن ۽ خاص طرح سنڌي رسالن ذريعي ڪهاڻين کي شهرت ملي. ابتدائي ليکڪن مان لالچند امر ڏنو مل، ڀيرو مل، پرمانند ميوارام، ڄيٺمل پرسرام، مرزا قليچ بيگ، پروفيسر نارائڻ داس ملڪاڻي ۽ منگهارام ملڪاڻي جا نالا قابل ذڪر آهن.

”سنڌي ساهت ۾ پڻ اٽڪل 1925ع کان 1940ع تائين هندوستاني ٻولين مان ترجمو ڪيل آکاڻين جي هڪ زبردست وير آئي، جنهن ۾ اردو، هندي، بنگالي، گجراتي، مرهٽي وغيره مڙني ٻولين مان سوين آکاڻيون سنڌي ۾ اچي ويون. انهي ترجمي واري دؤر کي ماهوار رسالن جي دؤر به چئي سگهجي ٿو“ (8).

اوائلي دؤر جي رسالن مان ڦلواڙي، سنڌو، ڀارت واسي ۽ سنڌ ڪاليج مسني

جو ڪردار نهايت ئي اهميت جوڳو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ذريعي هڪ طرف ڪهاڻيون منظر عام تي آيون ۽ ان سان گڏ ليکڪن جي بہ همت افزائي ٿي. ان دؤر جي مشهور ڪهاڻين مان ڏکن ڏاڏي زندگي، ادو عبدالرحمان، ڳنوارڻ، ململ جو چولو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون آهن، جن تي تمام گهڻي موٽ ملي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مهراڻ، نئين زندگي، سهڻي، سوجهرو، روح رهاڻ، عبرت ميگزين ۽ ٻين رسالن ۾ ڪهاڻيون ڇپيون.

**شاعري:** شاعري جي مختلف صنفن کي اڳتي آڻڻ ۾ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جو اهم ڪردار رهيو آهي.

”1866ع ۾ سنڌ گورنمينٽ جي تعليم کاتي طرفان ”سنڌ سڌار“ جي نالي سان هڪ اخبار شايع ٿي، جنهن جو مقصد ماڻهن کي، ملڪي خبرن کان آگاهہ ڪرڻ هو، هن اخبار جو منيجر سنڌ سرڪار جو سنڌي مترجم (آفيسر) هوندو هو. اخبار هر هفتي جمعي جي ڏينهن نڪرندي هئي، جنهن جي ٻي صفحي تي سنڌ جي شاعرن جا شعر شايع ڪيا ويندا هئا“ (9). شروعاتي دؤر جي جن اخبارن ۾ شاعري شايع ٿيندي هئي، انهن ۾ الوحيد، معين الاسلام، معاون الاسلام، تحفہ احباب، سنڌو ماهوار، همدرد هفتيوار، سنڌ سماچار، الحقيقت ۽ الحنيف قابل ذڪر آهن. ان دؤر جي شاعرن مان مرزا قليچ بيگ، غلام علي جعفري، شمس الدين بلبل، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، محمد صديق مسافر، محمد موسيٰ راز ۽ مولوي حاجي احمد ملاح جا نالا مثال طور شامل ڪري سگهجن ٿا.

قيام پاڪستان کان پوءِ ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد مان سنڌي مشاعرا ۽ شاعري جون ٻيون صنفون نشر ٿيڻ لڳيون، خاص طرح سان غزل، گيت، ڪافي ۽ وائي عام ماڻهن ۾ مقبول ٿي. موجوده دؤر ۾ سنڌي ۾ نڪرندڙ مختلف اخبارن ۾ ادبي صفحا شايع ٿين ٿا، جن ۾ خاص طور شاعري کي بہ شامل ڪيو وڃي ٿو.

**اليڪٽرانڪ ميڊيا جو ڪردار:** ريڊيو پاڪستان ڪراچي جو باقاعده طور آغاز 14 آگسٽ 1948ع کان شروع ٿيو. ريڊيو پاڪستان ڪراچي جي ابتدائي دؤر ۾ سنڌي پروگرامن کي ترقي وٺرائڻ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو اهم ڪردار رهيو. ابتدائي دؤر ۾ احمد غلام علي چاڳلا، آغا سليم، غلام حسين شيخ جا نالا قابل ذڪر آهن.

”ريڊيو ڪراچي تان علي محمد مجروح، عبدالحليم جوش، قمر شهباز، تاج بلوچ، فهميده حسين، فقير محمد لاشاري، عبدالرحمان نقاش، عابد مظهر، الطاف بيدار وغيره جهڙن اعليٰ اديبن ۽ شاعرن ڪمپيئر ۽ صداڪار جون خدمتون سر انجام ڏنيون“ (10).

17 آگسٽ 1955ع تي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو افتتاح ان وقت جي

اطلاعات ۽ نشريات جي وفاقي وزير پير علي محمد شاهہ راشدي ڪيو. ”سن 1960ع واري سال کان پوءِ ريڊيو حيدرآباد جي حصي ۾ اها خوشنصيبي آئي تہ نج نبار سنڌي ٻولي جا قابل ليکڪ ۽ پروڊيوسر ريڊيو کي ميسر ٿيا. جن سنڌي ٻولي جي پوترتا ۽ مناج کي نظر ۾ رکي ڊراما، فيوچر، تقريرون، گيت، غزل هن ميڊيم لاءِ تحرير ڪيا“(11). ان دؤر جي لکيڪن مان آغا سليم، امر جليل، مراد علي مرزا، قاضي خادم، ڊاڪٽر محمد يوسف پنهور ۽ عبدالقادر جوڻيجي جا نالا مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

”70 واري ڏهاڪي ۾ سنڌ دوست براڊ ڪاسٽر ۽ ڊائريڪٽر الياس عشقي جي صلاح سان مراد علي مرزا ”يادگار ليڪچرز“ جو هڪڙو سلسلو شروع ڪيو، ان ليڪچر جا نالا هن هن ريت رکيا، شاهہ لطيف يادگار ليڪچر، حسن علي آفنندي يادگار ليڪچر، علامہ عمر بن داؤد پوٽو يادگار ليڪچر، علامہ آءِ آءِ قاضي يادگار ليڪچر ۽ جن نامور عالمن ۽ صاحبن سنڌ جي تاريخ، تمدن، ثقافت، آثار قديم ۽ ادب بابت اهڙن ريڊيائي پروگرامن ۾ اچي ليڪچر ڏنا، اهي هيا ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا غلام محمد گرامي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر شيخ محمد براهيم خليل، مخدوم امير احمد، ايم ايڇ پنهور، قاضي عبدالمجيد عابد، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ غلام رباني آگرو وغيره“(12).

پاڪستان ۾ ٽي وي جي نشريات ٿيڻ کان پوءِ سنڌي ڊرامي جو آغاز 1970ع کان شروع ٿيو، سنڌي ۾ ٽي وي ڊراما لکندڙن ۾ علي بابا، عبدالڪريم بلوچ، شمشير الحيدري، عبدالقادر جوڻيجو، نورالهديٰ شاهہ، ممتاز مرزا، امر جليل، آغا سليم، رحمت الله ماجوٺي، محمود مغل، حفيظ ڪنبر جا نالا مشهور آهن. ڊرامن کان سواءِ ادبي حوالي سان مشاعرا، گيت، غزل، ڪافي ۽ وائي جو صنفون متعارف ٿيون. جن فنڪارن سنڌي شاعري جي مختلف صنفن تي ڳائي عروج تائين پهچايو، انهن ۾ استاد محمد ابراهيم، استاد محمد جمن، مائي ڀاڳي، جيوڻي ٻائي، علڻ فقير، زرينہ بلوچ ۽ عابده پروين شامل آهن.

موجوده دؤر ۾ ڪيترائي سنڌي چينل سنڌي ۾ نشريات پيش ڪري رهيا آهن، جنهنڪري ادب جي سيني صنفن کي پيش ڪيو ٿو وڃي ۽ انهي طريقي سان اهي ادبي صنفون عام ماڻهن تائين پهچن ٿيون.

حوالا:


1. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سال 19ع، ص24.
2. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، سال 1999ع، ص 153.
3. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ، سال 2006ع، ص 143.
4. عزيز الرحمان ٻگهيو، سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڄامشورو، سال 1989ع، ص 31،30.
5. ڊاڪٽر ادل سومرو، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري ۾ صحافت جو حصو، ادبي تحقيق، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي، سال 2009ع، ص 46.
6. ڊاڪٽر نواز علي شوق، اتر سنڌ جي ٻن اخبارن الحقيقت ۽ الحنيف جو سنڌي ادب جي واڌاري ۾ حصو، ادبي تحقيق، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي، سال 2009ع، ص 14.
7. منگهارام ملڪاڻي، سنڌي نثر جي تاريخ، روشني پبليڪيشن، حيدرآباد/ڪنڊيارو، سال 1993ع، ص 201.
8. حوالو ايضاً، ص 51.
9. اياز قادري، سنڌي غزل جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سال 1983ع، ص 224.
10. نصير مرزا، ريڊيو پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي، مهراڻ نمبر 1 ۽ 2، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سال 2007ع، ص 111.
11. حوالو ايضاً. ص 111.
12. حوالو ايضاً، ص 114.